# چپ انجيل جي حاشين جهڙا

## سئو غزل



تاجل بيوس

نئون نياپو

# چَپ انجيل جي حاشين جهڙا

سئو غزل

تاجل بيوس

نئون نياپو اڪيڊمي، ڪراچي

www.sindhsalamat.com

چپ انجيل جي حاشين جهڙا
هڪ سئو غزل
تاجل بيوس
ڇاپو: پهريون مئي ٢٠٠٣ ع
ڪمپوزنگ، لي آئوٽ، پيج ميڪنگ ۽ پبلشنگ:
نئون نياپو اڪيڊمي، ڪراچي
R. 96 POINEER HOMES SCHEME NO: 33
GULZAR HIJRI SUPERHIGHWEAY, KRACHI.
PH: 021- 6378624

قيمت: 50 رپيا



www.sindhsalamat.com

سنڌ ۽ سنڌيت جي
اڻ -ڳڻ پيار ۽ پاپوھ سان،
هنڌ جي ايم.ڪمل ۽ جڳديش لکاڻيءَ
نالي -

تاجل بيوس



www.sindhsalamat.com

## سٽاءُ

پبلشر جو نوٽ: انعام عباسي ٨
شال عمر ۾ به
سينچري ٿاهي سگهان! (مهاڳ) تاجل بيوس ٩

## غزلن جي ترتيب:

سنڌوءَ کي صبح، شام پيا سجدو ڪيون ٿا ١٣
هند جي يارن، جا ڏس خط آيا آهن١٤
ڪانگ! ڏج هي قربتون دل سان وچي دلگير کي ١٥
دنيا کي ٽئين جنگ جي تباهيءَ کان بچايون ١٦
هن جسم جو آويءَ ۾ پڪل ٿانوءَ پچان ٿو ١٧
سُرڳ جي سوداگريءَ ۾ عشق ئي اهڃاڻ آ ١٨
منهنجا بيت ۽ وايون، پوپاڙيءَ جا پاچا آهن ١٩
منهنجي قلم ۾ منهنجي علم ۾ سچل وارو سچ آهي ٢٠
رات ٺري پوندي ٢١
ڪٿون وک وڌيري، سفر لاءِ ساٿي! ٢٢
خط، تحفا ۽ ڪجهه ڪتاب آهن ٢٣
سنڌ شام جي پهر ۾، ٽڙيل گلاب آهي ٢٤
هيءَ زندگي نفاق ۽ نفرت جو قل نہ آهي ٢٥
منزل تي پُهچي، ماءُ جو شل ڪير ملهايون ٢٦
واريءَ جي ذري، ذري ۾ مهراڻ ٿا ڳولهيون ٢٧
ٽڙي پيو چڻ تہ اک، اک ۾ بسنتي ڪو گلاب آهي ٢٨
سنڌو درياهہ چڻ تہ صدين جو ساز آ ٢٩
چورن جا چوڌڪيءَ تي پيرا ڪٿن پيا ٣٠
اوطاق آهي خالي، ڏيئو ٻريل نہ آهي ٣١
ڪيت قيدي دام مان نڪري پيا ٣٢
جڏهن ڪنوڻ ڪوندي، وطن ڏي وري ٿي ٣٣
اڇو – اڌ مئل ماڻهن جي شهر مان زندگيءَ کي ڳولهيون ٣٤
منهنجي هن زندگيءَ جو، بس هي نظام آهي ٣٥



www.sindhsalamat.com

هن زندگيءَ جا سلسلا ڪاٽئن ڪٽن نٽا ٩٨
بنا ماڳ مارڳ جي گذارڻ ڏکيو آ ٩٩
باطل جي ڪاري رات ۾ پرندڙ آنا هئي ١٠٠
مٿل دلين ڪي جياريون ويجهو ١٠١
مون لالچ ۽ لوڀيءَ تي لعنت ڪئي ١٠٢
جتي سچ، سچ تي اُپريو، وجان اُن پار تان صدقي ١٠٣
موتين جهڙا ماڪ ڦڙا سڀ تنهنجي نالي ارپيان ٿو ١٠٤
ڳاج ڪڙڪ جي داڻن جهڙا ١٠٥
آهي سچ جو تڙڪو يا ڳل مان ڦٽي آ ١٠٦
ڪوهستان، ڪاڇو سچو تر وٺو آ ١٠٧
اُتو عظمتن جا ڦريرا اُڏايو ١٠٨
ماڪيءَ جهڙا مٺڙا ماڻهو ١٠٩
هر ڪو نانگ جو ڪاڏل هوندو ١١٠
سنڌ جي نجات ڪي ڳولهي وٺون ١١١
آهي ننڊ ۾ مون بہ اياز ڏٺو، اڄ ننڊ جو آڌر پاءُ ڪيون ١١٢





www.sindhsalamat.com

## پبلشر جو نوٽ

شاعري پيغمبري ڪارج آهي. شاعري ڏڙڪندڙ دلين جو نوحو به آ ته گيتِ به آ. پر اها سنڌ جي شاعرن جي وڏائي ليکبي جو هنن پنهنجي ان ڪرت کي سنڌ جي اهنجن ۽ ايذائن جي پڌرائيءَ ۾ سون سريکو ڪمال ڪري ڏيکاريو آهي.

لطيف کان، اياز کان ۽ تاجل بيوس کان اها روايت پنهنجو اوج نه رکيو قائم رکيو ويئي آهي پر هر آئي ڏينهن ان ۾ ويتر وڌيڪ موج ۽ اڏولتا به پرجندي ٿي وڃي ۽ سنڌ مؤرخن جي اثاث هوندي به پنهنجو چهرو، هر پنڌ ۽ هر پل وقت جي پٽن تي محفوظ ڪندي ٿي هلي.

سنڌ جي ويجهي ماضيءَ جو جيڪڏهن ڪنهن کي مطالعو ڪرڻو آهي ته ان کي سنڌي شاعري ئي هڪ وڏو دستاويز بڻجي ڪم ايندي.

سنڌي شاعريءَ نه رڳو محبوبن جي نرم گرم ۽ ڳاڙهن چپن جون ڪٿائون بيان ڪيون آهن پر انهن ان ئي پيار سلهاڙيل ويل ۾ ۽ ان ئي پني جي هڪ وڏي ٽڪر تي پنهنجي ڌرتي ماءُ جون ڪهاڻيون به لکي ورتيون آهن. ڪين لک لک سلام هجن.

ان وارتا جو وڏو شاهد هي ڪتاب اوهان جي هٿن ۾ موجود آهي. تاجل بيوس جتي پرينءَ جي چپڙن جي ڳالهه ڪئي آهي ته اتي ئي هُن، هن ڌرتيءَ جي سورن جون به ڪٿائون بيان ڪري ورتيون آهن.

تاجل بيوس ڪنهن به تعارف جو محتاج هاڻي ناهي رهيو ڇو جو هن جڻ ته پنهنجي حصي جو گهڻو ڪم اڪلائي ورتو آهي پر پوءِ به اڄ به هن جي هٿ هيٺ ڪيترائي ڪتاب ساهه کڻي رهيا آهن. جيڪي به ترت ادارو نئون نياپو پڌرو ڪري ڏيکاريندو.

پيار جي هن پورهيي جو پڊ تڏهن ئي ساڀيان ٿيندو جڏهن اوهان هن ڪتاب بابت پنهنجي راءِ کان آگاهه ڪندا.

انعام عباسي

چيئرمين نئون نياپو اڪيڊمي



www.sindhsalamat.com

# شال عمر ۾ به، سينچري ٿاهي سگهان!

هڪ شاعر دوست پڇيو، ته اڳ به منهنجي غزلن جو ڪتاب "تنهنجا نيڻ غزل" نالي هيٺ ڇپجي چُڪو آهي، جنهن ۾ پورا هڪ سؤ غزل آهن، ۽ وري به نئون نياپو اڪيڊمي هڪ سؤ غزل ڇپائي رهي آهي. دوست سوال ڪيو، ته هڪ سؤ انگ مون لاءِ بختاور انگ آهي ڇا؟

مون ڪيس جواب ڏنو ته ١٩٩٦ع ۾ برابر منهنجا هڪ سؤ غزل ڇپيا ها، ۽ هاڻي به هن ئي سال "ڇپ انجيل جي حاشين جهڙا" نالي هيٺ منهنجا هڪ سؤ غزل ڇپجي رهيا آهن، ۽ ساڳي وقت منهنجون هڪ سؤ ڪافيون به ڇپائيءَ لاءِ هڪيون تڪيون تيار آهن.

هن هڪ سؤ انگ جي حوالي سان، مون شاعر يارڙي کي وڏيڪ ٻڌايو ته اهو انگ مونکي ايڏو ته پسند آهي، ايڏو ته بختاور لڳندو آهي، جو دل تي چاهي، ته منهنجي عمر به شل سؤ سال تي پهچي، جيئن مان به ڪرڪيٽ جي کيڏارين وانگر سينچري ٿاهي سگهان، ۽ ائين شاعريءَ جي مشعلن جلائڻ سان گڏ، مان حقوق العباد (ماڻهن جا ماڻهن تي حق) جا به پنبهه ڏيئا جلائيندو رهان. ياد رهي، ته هن وقت نئون نياپو اڪيڊمي ڪراچي، شاهه عبداللطيف ڀٽائي چيئر (ڪراچي يونيورسٽي) ساگر پبلشرس، پرک پبليڪيشن ۽ سنگم پبليڪيشن پاران منهنجا نوَ (٩) ڪتاب ڇپجي رهيا آهن، جن کان علاوه ٻه ڪتاب ڇپجي، اسان جي هٿن تائين پهتا آهن.

فارسي ۽ اُردو روائتي شاعري موجب، غزل جو محور حُسن پرستي يا عشق مجاز مقرر ٿيل هو، يعني محبوبن سان عشق ۽ محبت وارا لڳ لاڳاپا قائم ڪرڻ هونءَ به تغزل جي معنيٰ سُهڻن ماڻهن سان عشق جون ڳالهيون ڪرڻ ٻڌائي وئي آهي، جنهن دائري ۾، محبوب جو حسن جمال، ناز انداز، زلفن جا دام، وفائون ۽ جفائون اچي ٿي ويون.



www.sindhsalamat.com

اسان ڏسون ٿا، تہ ورهاڱي واري حادثي کان اڳ، ۽ ڪجهہ وقت پوءِ، سنڌي غزل برابر زلفن جي دامن ۾ جڪڙيل رهيو هو. ۽ صراحي، مينا گل ۽ بلبل جي داستانن سان رچيل هو. جنهن ۾ سُهڻين مَن موهڻين عورتن جو ساقي ڪريءَ وارو عمل دخل بہ شامل هو، جي محفلن ۾ يا اڪيلائپ جي گهڙين ۾ زلفن کي چنبڙڪو ڏيئي، ڪُلهن تي اُڇلائي، جهڪي جام پيش ڪنديون هيون هِن ڏس ۾، مغلن جي بادشاهيءَ وارو زمانو اوُج تي پهتل هو.

سٺ ۽ ستر وارن ڏهاڪن ۾، اسان ڏٺو، تہ غزل روائتي ڏهڻ (Traditional Quagmire) مان نڪري، قومي، زميني، فطري، جدت پسندي ۽ سائنسي سوچ ويچار سان مالا مال ٿيڻ لڳو هو. هن قسم جي غزلن لکڻ ۾، ڪجهہ ٻين شاعرن سان گڏ، شيخ اياز بہ سنو پاڻ ملهايو. هن قسم جي غزل جو اسلوب جيئن تہ استعارا، علامتون، تشبيهون ۽ تمثيلون، مطلب تہ پوري تاجي پيٽي ۾ هڪ الڳ رنگ روپ نظر اچڻ لڳو هو، جنهن ۾ چيڙين، يڪتاري ۽ ڍولڪ جي ٿاڪ، گنگهرن جي ڇم، ڇم ڳوٺاڻو ماحول ۽ سنڌ ساٽيهہ جي مٽيءَ جي پني خوشبوءِ اچڻ لڳي هئي، اُن ڪري، شيخ اياز جي وڏي ٿهيءَ جي ڏانوءَ تي مون بہ اِن قسم جا غزل لکڻ شروع ڪيا ها، جنهن لاءِ اڳتي هلي شيخ اياز چيو هو، تہ تاجل ٻلي تہ ڪتابن پٺيان ڪتاب آڻي؛ پر شعري مجموعي "جڏهن پونءِ ٻٽي" وارو تاجل وڏي انتظار ڪانپوءِ پيدا ٿيندو آهي. مون لاءِ، اِن قسم جا ويچار اُتساهہ جو اعليٰ درجو رکن ٿا.

سکي! سِير تي ٿا ڦريرا اُڏن،
اُتر پار ٻيڙا وريو ٿا ورن

وڏو ڳيپ آڳر ڳنڊير ۾
ڪنيا ڪَر تر ۾ وري ٿوهرن

غزل لکڻ جي مٿينءَ اسٽائيل مان، مونکي ڇير جو ڇمڪو، ڪنهن مندر ۾ آرتين ڳائڻ جو سُر تال، وڏ ڦڙئي مينهن جي وسڪارن جي ڇاپ ۽ لئي محسوس ٿيندي آهي. هونءَ بہ مون پرکيو، پُرجهيو، ڏٺو ۽


www.sindhsalamat.com

سنڌوءَ کي صبح شام پيا سجدو ڪيون ٿا.
ڪيلاش ئي ڪعبو آ، سرعام چئون ٿا.

هر دل ۾ خدا سان گڏ، ماٺهو تو رهائي،
"بيوس" کي تڏهن ئي ته گنهگار چئون ٿا.

هند جي يارن، جا ڏس آيا خط آهن
راهہ ڪنگهارن، جا ڏس آيا خط آهن
اڄ ته مسيت جا رحل ۾ جارا صاف ڪيون
"ڪيرت" وارن، جا ڏس آيا خط آهن

ڪانگ ڏج هي قربتون، دل سان وچي "دلگير" کي
لک سنيها، صحبتون، هن لوڪ جي لکمير کي
ڪالهہ "بيوس" حد ۾ سرحد جي محافظ کي چيو؛
روڪ جي روڪي سگهين، الهاس واريءَ هير کي

منهنجا بيت ۾ وايون، دوها، پوپاڙيءَ جا پاڇا آهن
پٽ ڏٺيءَ جي پونءَ تي پاتل، اوندهہ جهڙا ليڪا آهن
شاهہ لطيف، نارائڻ وانگي توسان مونسان ڳالهائن ٿا
مون ئي اهڙا بُت خانن ۾ جيئرا بُت تراشيا آهن

سنڌ شام جي پَهر ۾، ترٽيل گلاب آهي
يا سُونهن، سچ، سگهنڊ جو ڪليل ڪتاب آهي.
سنڌو ڏسي سکر ڪان، ڪنهن تي چيو ته "بيوس"
سنڌ جو جواب ناهي، سنڌ لاجواب آهي.

منهنجي هن زندگيءَ جو، بس هي نظام آهي
سا مُنهن آ سنڌ جو دريا، اجرڪ احرام آهي
منهنجي اڳيان گلن جا، تحفا صبا رکي وئي
تنهنجي هڪ هٿ ۾ داڻو، ٻئي هٿ ۾ دام آهي.

تاجل بيوس



www.sindhsalamat.com

سنڌوءَ کي صبح، شام پيا سجدو ڪيون ٿا
ڪيلاش ٿي ڪعبو آ، سرِ عام چئون ٿا

فطرت واري قانون جا هٿيار هلائي
ڪنهن جو ٿا پريون جهول، ڪنهن کان ڳرهه کسيون ٿا

هن وقت اسان قابو پنهنجيءَ ذات ۾ آهيون
ڪجهه ترس ته تنهنجي به ڳجهارت کي پڄون ٿا

جا دل ڪنهن انسان جي ڪعبي جي مثل آ
ان دل جي آئيني ۾ اسان پاڻ پسون ٿا

جنهن وقت کان هٿ، پير هي آزاد ٿيا هن
هر جسم جو زنجير مُڪن ساڻ پڄون ٿا

هر دل ۾ خدا سان گڏ، ماڻهو تو رهائي
”بيوس“ کي تڏهن ٿي ته گنهگار چئون ٿا


www.sindhsalamat.com

هند جي يارن، جا ڏس آيا خط آهن
راءِ ڪنگهارن، جا ڏس آيا خط آهن

اڄ تہ مسيت جا رحل ۽ جارا صاف ڪيون
ڪيرت (١) وارن، جا ڏس آيا خط آهن

رنگ، نسل ۽ مذهب جا او، پوڄاريؤ!
اڃن ۽ ڪارن، جا ڏس آيا خط آهن

ڪالا باغ ڪان ڪير تو سُهڻين ڪي ٻوڙي؟
هي بہ ميهارن، جا ڏس آيا خط آهن

اڄ بہ الهاس نگر، ٻيراڳڙه، ڪَڇَ ڀُڄ ڪان
ٻيڙن، ٻارن، جا ڏس آيا خط آهن

رام(٢) منوهر (٣) لڇمڻ (۴) ڪمل (۵) لڄاڻيءَ (٦) ڏي
ٻيوسن پارن جا ڏس آيا خط آهن

١ ڪيرت ٻاٻاڻي ٢ رام امر لال پنجواڻي ٣ منوهرمتلاڻي۴ لڇمڻ ڪومل ۵ اير ڪمل ٦ جگديش لڄاڻي



www.sindhsalamat.com

ڪانگ! ڏج هي قربتون دل سان وڃي دلگير (۱) کي
لک سنيها، صحبتون، هن لوڪ جي لڪمير کي

هائو، هر ڪنهن ماڳ جي مٽي اسانجي ماءُ آ
رهڻ ڏيو هيءَ رات پي هڪ ٿانوَ ۾ ڪنڌ ڪير کي

ڪين ٿي سگهندو ڪڏهن ميناچ، ماڪيءَ ڪان الڳ
هل ته سمجهائي اچون، بي ترس ۽ بي پير کي

ڪلهه به ساميءَ، شاهه، بيدل ۽ نارائڻ هو چيو:
آءُ ته ڳڏجي ٽوڙيون، هر ظلم جي زنجير کي

ياد ڪندي يارڙن جي سنگت، ساروڻيون وري
سَن وڃائي سونهن آ، جهوري لڳي جهمپير کي

ڪالهه "بيوس" حد ۽ سرحد جي محافظ کي چيو:
روڪ جي روڪي سگهين، الهاس واريءَ هير کي

۱- هري دلگير



www.sindhsalamat.com

دنيا کي ٽئين جنگ جي تباهيءَ کان بچايون
اچ جيئڻ جي مقصد تي ڪليءَ دل سان ڳالهايون

ماڻهو آهي ماڻهو، ۽ ماڻهو، ماڻهو ٿي رهندو
ماڻهوءَ جي چو عظمت کي ”اناالحق“ ۾ لِڪايون

اڪيچنب ۾ نفرتن سان پٽي جهول ڀرياسين
الفت جي خزانن کي ڀلا ڪيئن ڪُتايون!

ها، پاڻ ۾ ماضيءَ کي سنوارڻ ٿي گهرون ٿا
اسان تڏهن تہ گهڙيال جا ڪانٽا ٿا مٽايون

ريشم جهڙي ماڻهوءَ کي گلن وانگي چُنڻ کان
بهتر آ تہ نَوَ نِڻ ۾ پنهنجو وقت وڃايون

اطلاع بنا پاڻ ۾ ڪنهن دل جي ڦرڻ ۾
”استاد“ (۱) آهيون پوءِ بہ ”بيوس“ ٿا سڏايون!

۱ ـ استاد بخاري



www.sindhsalamat.com

هن جسم جو آويءِ ۾ پڪل ٿانءُ پيچان ٿو
اڄ مان به تحفو سنڌ کي ناياب ڏيان ٿو

جيئن برف مان پاڻي ٿئي، پاڻيءَ منجهان بادل
اِن طرح مران ٿو مان ۽ اِن طرح جيان ٿو

اڄ مان به سياڻي جي دلاسن کي وساري
ڪٺڪن جي پڪل ڪيت کي پيو سجدا ڪيان ٿو

هر عشق عبادت آهي، مان اهڙو لکت ۾
ڪٿي حُسن جي دربار مان فرمان اچان ٿو

جيوَن جي هِن اٽڪ، مان ڳوءِ ۾ "بيوس"
سنڌوءَ جي رواني‌ءَ سان ڪاري ڇاڻ پيُچان ٿو


www.sindhsalamat.com

سُرڳ جي سوداگريءَ ۾ عشق ٿي اهڃاڻ آ
حسن ڪعبو، سونهن سجدو، ليئهن ۾ نرواڻ آ

تر، سري، ڪوهستان سوڙو پٽ ڌٽيءَ جي پونءِ تي
قطرو، قطرو آهه قلزم، موج آ، مهراڻ آ

مان نہ ذاتيءَ ۽ صفاتي، مان نہ مالڪ ملڪ جو
جسم هن خاڪيءَ تي پهريل پاپَ جو پهراڻ آ

اُتم، ڪيرت، رام، لڇمڻ (۱) دلبرن جي ديس ۾
شاهہ، سامي ۽ سچل سرمست مونسان ساڻ آ

۱ ـ ڀارت جا سنڌي سرجڻهار


www.sindhsalamat.com

منهنجا بيت ۽ وايون، دوها، پوياڙيءَ جا پاڇا آهن
پٽ - ڏٽيءَ جي پونءِ تي پاتل اوندهہ جهڙا ليکا آهن

شاهہ لطيف، نارائڻ وانگي توسان مونسان ڳالهائن ٿا
مون ٿي اهڙا بت خانن ۾ جٺرا بت تراشيا آهن

منهنجي سنڌ - ساٿيهہ جي سرحد ماٿهو جي بہ تپي آيا
ارغونن، ترخانن، مغلن، انگريزن جا لاشا آهن

زندگيءَ جي واٽن تي هلندي، منهنجا پير بہ پٿون تي پيا
تڏهن تہ منهنجي اکين کي هي سالن جا اوجاڳا آهن

کينيءَ کان کارونجهر ۽ کاڇيليءَ کان کپري تائين
ٿر جي پنجهر پونءِ تي ”بيوس“ مس تيا وڃ وراڪا آهن


www.sindhsalamat.com

منهنجي قلم ۾ منهنجي علم ۾ سچل وارو سچ آهي
سرمستيءَ ۾ ” اناالحق “ جو مون ۾ ته ٻاريو مچ آهي

هيڏيءَ اَچ مان اُڪري وڃبو، پاڻ ئي پنهنجو پتڻ پيري
گيتن، بيتن، وائن وارو، مون وٽ ڪوڙ خرچ آهي

ڪاشي ۽ ڪعبي ۾ خالق هڪڙي روپ ۾ آيو آ
تڏهن ته منهنجن اعلانن ۾ راءِ ڪنگهار ۽ چچ آهي

شاعر! توبه پيتائيءَ جيان ڪورن ۾ پاڻ پگهاريو آ
تڏهن ته تو وٽ سوَ ڳڻ آهن، تڏهن ته تو وٽ سچ آهي

روڪ، رُڪائون، سونَ سريڪو ”بيوس“ تو وٽ ڪجهه به نه آ
تون آچيندي لڄ مرين ٿو، تو وٽ ڪوڙ ۽ ڪچ آهي


www.sindhsalamat.com

رات ٺري پوندي
ماڪ ڇريا پوندي

تنهنجن ٻولن مان
ٻاهه ٻري پوندي

ڄُرندا ڇٺو ماسا
اڪ ڦري پوندي

نيٽ تہ اوپر ڪان
وڄ وري پوندي

بارش صحرا تي
هڪ ڪَري پوندي

هوريان ڳالهايو
برف ڳري پوندي

ايندو پٽ - ڏٽي
ڏات ڏري پوندي



www.sindhsalamat.com

ڪٿون وڪ وڏيري، سفر لاءِ ساٿي!
سڙي، لاڙ، ڪاڇي ۽ ٿر لاءِ ساٿي!

اهي ڳوٺ ڳليون ڇا ڪافي نہ آهن؟
رُلي ڪير دل جي شهر لاءِ ساٿي!

پَٽيون روز پڙهندي، هيءَ ساري حياتي
ڪير وقف هڪڙي اکر لاءِ ساٿي!

هو يورپ جو ماڻهو، خلا ۾ ويو پهچي
تون ماندو آن ڳوٺڻي ۽ هڙ لاءِ ساٿي!

بہ - ٽي روپيا تون پڻ بچائي رکي ڇڏ
ڪفن ڪان اڳي ڪجهہ زهر لاءِ ساٿي!



www.sindhsalamat.com

خط، تحفا ۽ ڪجهہ ڪتاب آهن
هند وارن مُڪا ڳلاب آهن

آئيندو " سنڌ " جي سنجاڻپ جو
ستارا، چنڊ ۽ شهاب آهن

منهنجون نظرون سنجها جا پاڇا، ۽
تنهنجي اکين ۾ آفتاب آهن

" سنڌ " واريءَ جو ڏيک بڻجي وئي
اٽلي پيا ڪيترا چناب آهن

هوا، مٽي ۽ روشني رهندي
باقي پاڻيءَ جا سڀ حُباب آهن



www.sindhsalamat.com

سنڌ شام جي پهر ۾، ٽڙيل گلاب آهي
يا سونهن ، سچ، سڳند جو ڪليل ڪتاب آهي

هيڏي پسي ازل کان درياهه جي رواني
ڪيئن تو چئين حياتي، ڇڻ ڪو حباب آهي

شاعر جي لفظ، لفظ ۾ ڪوڏر جي هر لپي ۾
منهنجي آ ننڊ، اوجاڳو، منهنجو ئي خواب آهي

ٻاجهر جو ٻور، ٽر جي مهڪ، چيٽ جا ڏهاڙا
منهنجي ئي آهي منزل، منهنجو خطاب آهي

سنڌو ڏسي سڪر کان، ڪنهن ٿي چيو ته "بيوس"
سنڌ جو جواب ناهي، سنڌ لاجواب آهي



www.sindhsalamat.com

هيءَ زندگي نفاق ۽ نفرت جو قل نہ آهي
انسانيت آ سڀ ڪجهہ، جنهنجو بدل نہ آهي

ٻاجهر جو آهي ڊوڊو، ڇانيي جو پن بہ آهي
ڪچڪول ۾ گلاب يا موتيو، ڪنول نہ آهي

هن قبر ۾ ستل هڪ بيتاب روح هوندو
هن قبر تي تڏهن ڪو ڪَتبو لڳل نہ آهي

هر شخص پيو ۽ چوٽون نفرت جو درس ڏئي ٿو
چو پيٽ - ڏٺي، نارائڻ، سامي، سچل نہ آهي

هن شهر جا محافظ شايد وڃي سمهي پيا
هڪ مئڪدي جي در کي تالو لڳل نہ آهي

سنڌ جي بقا جي جنگ ۾ اي، دوست! تون بہ وڙهجان
تنهنجن اکين جو ٽنرو ڪوئي پنل نہ آهي

ڪهڙا نہ وڻ قداور، سهڻا، سدا لڳن ٿا
پر ڪنهن بہ هڪڙي وڻ جو ميووپڪل نہ آهي!

اڄ سنڌ کي آزادي شايد ملي وئي آ
ڪنهن هڪ بہ جهوپڙيءَ جو ڏيئو وسيل نہ آهي

”بيوس“ ويو تي شايد، قطري مان سمنڊ آهي
ڌرتي سڄيءَ جو تڏهين گولو تتل نہ آهي



www.sindhsalamat.com

منزل تي پڄي، ماءُ جو شل ڪير ملهايون
تارن جي اجهامڻ ڪان اڳي پنڌ ڪتايون

انسان آهيون، ڪيئن پنهنجو وقت وڃايون
اڄو علم، عقل، سچ جي مشعل ڪي جلايون

مسجد ۽ مندر واري پهه - واٽي تي هلڻ ڪان
بهتر آ پڪل ڪيتَ اڳيان ڪنڌ جهڪايون

تارين جي ٿڌي ڇانوَ ۾، سنڌوءَ جي ڪناري
ترخان جي پُٽ ڪان ويئا تاريخ لڪايون

جوين ڪي لڳو ڪاٽ ۽ "ڀيوس" تي ورياسون
پر، پوءِ به حسين تي ويئا حڪم هلايون



www.sindhsalamat.com

واريءَ جي ذري، ذري ۾ مهراڻ ٽا ڳولهيون
هائو اسان صحرا ۾ به سرهاڻ ٽا ڳولهيون

بي رونق بازار، نفرتن جو نگر آ
پر، پوءِ به پراوَن ۾ ويڻا پاڻ ٽا ڳولهيون

هي قافلو جو رات ڪري، پنڪي ويو هو
اِن قافلي جو ڪالهه ڪان سرواڻ ٽا ڳولهيون

ويو شاهه جو سنڌيءَ ۾ جو قرآن ڇپائي
اسان اڄ به اهو سنڌ ۾ ڪلياڻ (١) ٽا ڳولهيون

ڪورٽ جي احاطي مان، اسان عيد جي ڏڻ تي
"بيوس" جو رڱيل رَت ۾ پهراڻ ٽا ڳولهيون

١ - ڪلياڻ آڏواڻي



www.sindhsalamat.com

نڙي پيو چڻ تہ اک، اک ۾ بسنتي ڪو گلاب آهي
هيءَ ڪهڙي منڊ آئي آ، هي ڪهڙو انقلاب آهي؟

هُو منهنجي ملڪ جو ماڻهو، تو ڪربلا کي اتاري پيو
اِها منهنجي بہ مسلڪ آ، اِهو منهنجو نصاب آهي

اسان الڪ جي بستيءَ ۾، ڏسون ٿا هن ٿي دنيا ۾
سنڌوءَ مان ريت ٿي اڏري، ۽ مستيءَ ۾ چناب آهي

نہ ڪو ٿي فرشتو ۽ ڪير جوڻ نديون، نہ جنت ڪا
اُنهيءَ ۾ "سنڌ" هوندي آ، لڏو مون جو بہ خواب آهي



www.sindhsalamat.com

سنڌو درياهہ ڇڻ تہ ڪو صدين جو ساز آ
مان ٿو چوان تہ سنڌ ئي دل جو آواز آ

ڪهڙو نہ ڇام شوري ڪان، منظر آ شام جو!
اي سنڌ! تنهنجي سونهن تي مونکي بہ ناز آ

مونتي بہ صبح ايندي صحيفا لهن پيا
سيني ۾ منهنجي سانڍيل ڪوئي تہ راز آ

مس تنهنجي ڳهر ۾ "بيوس" اڄ ٻارڙن سان گڏ
خاڪي، ٻتائي، سامي، بخاري اياز (١) آ

١ - سنڌ جا سرجڻهار


www.sindhsalamat.com

چورن جا چوڌڪيءَ تي پيرا ڪٺن پيا
ماڻهو اسان ڪي ڄر، هر گهوري ڏسن پيا

ڪڏهين به آ قلم جو نشانو خطا نہ ٿيو
هو ڏس بندوق وارا هڙ، هر ڳسن پيا

موهن پيڪت ملهار جوآهي راڳ ڇيڙيو
پاڳيءَ ڄجي گيت، گيت ۾ پيرون پڇن پيا

حاجي، حجازيا تنهنجيءَ حج واري عيد تي
ٻڪرن ڪان ٻيڻا، ٽيڻا ماڻهو ڪسن پيا

ماڻهو ڪي محفلن ۾ مُردا پيا لڳن
ڏيڻڙا اسانجي ذآت جا شايد وسن پيا

ڏڻ آ، نہ ڪو ڏنار آ، ڄڻ لاش ٿا لڳن
شايد اِهي بہ "ٻيوس" ٽر ڪان اڇن پيا


www.sindhsalamat.com

اوطاق آهي خالي، ڏيٺو هريل نہ آهي
هر چلهہ ۾ آ وسائل، پر ٻَٽُ ٻريل نہ آهي

اَپَ ۾ آهن اُڍيڙا، ڌرتي ۾ پٽي ڌڪيتي
پر، پوءِ بہ تنهنجو سسئي! ڏونگر ڏريل نہ آهي

هر لفظ مَڻُ - منايون، گفتگو مکڻ جو چاٺو
ڪيئن تو چوين تہ هڪڙو بہ ماٺو پڙهيل نہ آهي!

سڀ وڻ آهن قداور، ۽ چانوَ پڻ ڏين ٿا
پر، هڪ بہ اِن وڻن مان "ببوس" ڦريل نہ آهي


www.sindhsalamat.com

ڪيت قيدي دام مان نڪري پيا
خاص ماڻهو عام مان نڪري پيا

هو ڳڙيا جو واٽ ويندي ٿهڪ ڏئي
گل پُسيءِ جا لام مان نڪري پيا

مئڪدي ۾ ڪلهه ڇيو خيام هو،
چند آهن جام مان نڪري پيا

جي ڏکي آيا وڳا جمهور جا
سي بہ صادق چام مان نڪري پيا

مون ڪنيون جيئڻ لاءِ منڙو سنڌ جو
گل شفق جا شام مان نڪري پيا

تن ڏئي منزل اکين ڪان اوڏڙي
جي خيالِ خام مان نڪري پيا



www.sindhsalamat.com

جڏهن ڪنوڻ ڪوندي، وطن ڏي وري ٿي
منهنجو من ٿو مرڪي، منهنجي دل ٺريٿي

آهي اُتر، اولهہ خلا ۾ پڇي ويو
اڃان تر جي ڇائي، پئي ڏارو ڏري ٿي

پُڇي اڄڙي تر مان بہ هر، هر ڏسانٿو
ٿري سونهن ڏهرن، ڏرين ۾ ٻريٿي

منهنجي پيي سڃاڻپ تہ ان ساڻ آهي
جا ونڻن مان چيڙن سان ڪانيو پريٿي

جي اڇٽا ها "ببوس" اڃان ڪين آيا
اسانجي تہ اڄ پيي پئي اک ڦريٿي



www.sindhsalamat.com

اڄو - اڌ مئل ماڻهن جي شهر مان زندگي ڳولهيون
بيچايل ٻاٽ اونده ۾ مان نئين ڪا روشني ڳولهيون

گلن، غنچن ۽ باغن مان صدين کان جا ملي ناهي
اڄو اچ پنهنجي اندر مان اُها خوشبوء ڀني ڳولهيون

اِڄهو تو ڇاڻ يورپ گهر آڌي پهچي خلائن ۾
اسان تا هر ۽ کهوپي مان اجان آسودگي ڳولهيون

محبت، مهر، آنند، امن، دل جي آشتيء خاطر
الا، اچ پنهنجي ماڻن مان پيا تا اجنبي ڳولهيون



www.sindhsalamat.com

منهنجي هن زندگيءَ جو، بس هي نظام آهي
سامنهن آ سنڌ جو درياهہ، اجرڪ احرام آهي

منهنجي اکيان گلن جا تحفا صبا رکي وئي
تنهنجي هڪ هٿ ۾ داڻو، ٻئي هٿ ۾ دام آهي

مون ساڻ گڏ لکن ۾، جنهن آ زمين ڪيڙي
سو منهنجو ياءُ آهي، منهنجو امام آهي

منهنجي قلم، ڪتاب ۾، منهنجي ٿي محفلن ۾
ڪلهہ رام ۽ رحمان ها، اڄ هڪڙو رام(١) آهي

هند جو قدآور ليکڪ رام امر لال پنجواڻي



www.sindhsalamat.com

آءُ بهشت ۾ رحمان سان گڏ رام ڏسي وٺ
اياز، چندر، خادم ۽ شيام (۱) ڏسي وٺ

اڄ، سڪر وتان صبح سان سنڌوءَ جي ڪناري
اجرڪ جو پڌل مونکي به احرام ڏسي وٺ

هن باک - ڦٽيءَ گلن ۽ مکڙين جا او، شائق!
ماريءَ جي هٿ ۾ موت وارو دام ڏسي وٺ

اڄ تون به سفيدن جي هيٺان هن ئي دنيا ۾
زاهد جي اکيان مٺي جو پرڀل جام ڏسي وٺ

شيخ اياز، ماسٽر چندر، حسين بخش خادم ۽ نارائڻ شيام



www.sindhsalamat.com

عمر ڏيہن جيئن ڍهندي آهي
واريءَ وانگي وهندي آهي

هاءِ جواني، ڇَرَ جو پاڻي
روز نہ ڪنهن وٽ رهندي آهي

سنڌو ڪنَن، ڪَرَ سدائين
وچ اولهاري وهندي آهي

ساگر موتي آڇيندو آ
وير جڏهن ڪا لهندي آهي

ڇَڪَ مٿان آ چاٺو پوندو
برف نڪر پر ٺهندي آهي

سارَ پرينءَ جي ڪونجن وانگي
ذهن تي "بيوس" لهندي آهي


www.sindhsalamat.com

جنهن وقت پريان "سنڌ" جي وڻڪار ڏسن ٿا
ساميئڙا تڏهن حج جا احرام ٻڌن ٿا

جي سنڌ ۾ دنيا جي حقن لاءِ وڙهن ٿا
سي رت ۾ ٻوڙي قلم کي، تاريخ لکن ٿا

جنهن وقت ڪتان ٻاڪ ڦٽيءَ ڪونج ٿي ڪرڪي
ان وقت اسان کي به پرين ياد اچن ٿا

هِن وقت جي ڪنهن هوش محمد ڏيءَ آمائيل
ڪجهه گوهه وارا خط مڙئي منهنجا هجن ٿا

ڪيڏا نه ازل، ابد جا طوفان ويا گذري
پر، پوءِ به ڏيئا ذات جا "بيوس" نه وسن ٿا


www.sindhsalamat.com

جڏهن ڏيهه ۾ ڪو ڏڪايل ڏسان ٿو
آهيان ڪين، پوء بہ مان ڪجهہ ٿي پوان ٿو

آها جاء مون لاء مسجود آهي
مان جنهن جاء تي ڪٽڪ - داڙو ڏسان ٿو

پلا چو نہ تا ٿوڪ ڏئي باهہ ٻاريو؟
ڏسو ڪين ٿا، برف ۾ پيو ٻڪان ٿو؟

جڏهن ڪو بہ مون تي ٿو بندوق تاڻي
مان اُن جي ئي اکين ۾ گهر تي وڃان ٿو

مان پنهنجي سياڻي تي مغرور آهيان
تڏهن ئي تہ مان پاڻهن لوڏي گهمان ٿو

مان مِٽيءَ جو ماڻهو، تون مِٽي نہ ماڻهو
تون مونکي ميڃين ٿو، مان توکي ميڃان ٿو

ڪڏهن ڏس تہ پنجهر ۾ "ٻيوس" مان آهيان
ڪڏهن ڏس تہ گملن ۾ گل ٿي ڦٽان ٿو


www.sindhsalamat.com

جڏهن ڌرتي ماتا کي    ويجهو ٿيان ٿو
ڪارونجهر جي وڪڙن ۾ گم ٿي وڃان ٿو

دنيا ۾ ڪيئي روپ مونکي ملن ٿا
ڪنيز جي ڪنهن ڇڪ تي جڏهن مان چڙهان ٿو

او، ڌرتيا نہ گونگو، نہ ٻوڙو مان آهيان
تنهنجا سڏ، پڙاڏا مان هر، هر ٻڌان ٿو

هي جمهور جو سمنڊ آٿلي بہ پوندو
تڏهن ئي تہ چوڏهينءَ جو چنڊ ٿي ڪِڙان ٿو

مونکان منهنجو مسجود وسري وڃي ٿو
جڏهن ڪير ٿر جي ڪا چوٽي ڏسان ٿو

مٽيءَ تي وڃاٿو، آ معراج منهنجو
هي ڀهريون دفعو آ، جو مان سچ چوان ٿو

جڏهن منهنجي هستي مٽيءَ ۾ ملي ٿي
تڏهن ئي تہ دائي مان دلبر ٿيان ٿو

جتي ڪو بہ ”بيوس“ نہ مجبور آهي
اُتان ئي تو اُيران، اُتي ئي لهان ٿو


www.sindhsalamat.com

مان سنڌ جي اجرڪ وارو احرام پڏان ٿو
سنڌو آهي ڪعبو، مان سرِ عام چوان ٿو

ماڻهو ڪو به ماڻهوءَ جي، هٿان قتل نه ٿيندو
اهڙو خط توکي به انيراءَ! لکان ٿو

گفتن ۾ چون ٿا: آهيان ماڪي ۾ مکڻ مان
گيتن ۾ انگورن جي ولين ساڻ ڦٽان ٿو

هن ديس منجهان مان به ٿو اڄ، بک کي پڇايان
بي سود نه، فرهاد وانگي ٽَڪرَ ٽڪيان ٿو

مون دل مان نفرتن کي ڇڏيو آهي هڪالي
تڏهين ته "بيوس" توکي سچو سون لڳان ٿو


www.sindhsalamat.com

ساقيا لڳي تو منهنجو ٿي خالي هي جام آهي
تڏهين ويو ٿي برهم دل جو نظام آهي

سيڪو جيئڻ گهري تو،عزت ۽ عاقبت سان
ويهين صديءَ کان پوءِ به هلچل هيءَ جام آهي

حورون غلمان گڏجي، اياز کي چون ٿا،
جنت ۾ پٽ - ڏٺيءَ وٽ آيو خيام آهي

دلگير، زخمي، لڇمڻ، سرڪش به سنڌ ڇٽيو آ
تڏهين ته ٿيو اسان لئي رحمان، رام آهي

سنڌوءَ جي ڪاپي ڪپ تي جنهن ماءُ جنم ڏنو آ
اُنَ " ماءُ " جو سدائين "بيوس" غلام آهي


www.sindhsalamat.com

سونهن ساڃاهہ جو ثمر آهي
اِبن آدم شفا جو گهر آهي

موت منظر اُماس وارو آ
زندگي صبح جو پهر آهي

وائي، دوهو ۽ سنڌ جي ڪافي
اِها دولت اڃان امر آهي

سنڌ آڪاڙ ۾ سڄاول ڪان
ڇيو ڪنهن ٿي تہ ڄڻ پنجهر آهي

علم ۽ عقل، ذهن جي دولت
جهالت، نانگ وارو ڪَرُ آهي

عشق ڪان سپ لڳن تا آڪاهي
هڪڙو "بيوس" ٿي بي خبر آهي


www.sindhsalamat.com

ڪهڙا نہ سُتل دِل منجهان آواز اُٿن ٿا
جڻ شام جو ڀٽ شاهہ تي تنبور وڄن ٿا

اڄ تنهنجي قلم مان بہ تہ ٿي سنڌ جا چاوا!
رابيل، رتن جوتِ سان گڏ لونگ ڦٽن ٿا

غربت جي تپش ڪان، توڙي جذبن جي رُسڻ ڪان
منهنجا بہ غزل، گيت پيا آويءَ ۾ پچن ٿا

تو سنڌ امڙ جو نہ اجان ڪير ملهايو!
تڏهين تہ تنهنجا لفظ بہ ٽانڊا ٿي ٻکن ٿا

اياز، سچل، شاهہ ۽ دلگير، بخاري
سڀ سنڌ توڙي هند جو اِتهاس هجن ٿا

مان روز گلابن کي ”ٻيوس“ ميڙي ٽڪو هان
جو تنهنجي ڪتابن ۾ اجان دود دکن ٿا


www.sindhsalamat.com

ڪنهن ٻارڙي جي ماءُ، ڪا ڪاري نہ ٿي پوي!
پوري هيءَ ڪائنات، مياري نہ ٿي پوي!

اک مان ڪري نہ لڙڪ، ڀلي ڪربلا هجي
ڪر هيءَ دعا تہ: سنڌ اُجاري نہ ٿي پوي!

پنهنجن حقن کي ونڊي، منهنجي ٻہ هيءَ بندوق
ڏج تو ٽٽي گلاب جي ٽاري نہ ٿي پوي!

.سنڌ جي مٽيءَ مان سنڌ جا خاڪا ٺهيل ڏسي
زاهد ڪو واٽ ويندي، پوڄاري نہ ٿي پوي!

تنوير جي وڃڻ سان، چيو ڪنهن تہ ڪالهہ ٿي
هيءَ ٻوٽ ڪنهن تي ”بيوس“ ڀاري نہ ٿي پوي!


www.sindhsalamat.com

هن سنڌ جي نجات جو هڪ خواب ڏٺو تم
هر جسم جو زنجير مُکن ساڻ پڳو تم

هٿ ڪنهن جي اچن ڪم تہ عبادت جو آ رتبو
ماڻهو تا چون هي بہ پٽائيءَ کان سکيو تم

وڏڙن جيءَ ڏنل سبقن کي ياد ڪندي، مون
ڦوروءَ کان کسي گرهہ، مسافر کي ڏنو تم

ماڻهوءَ جي هٿان ڪنهن بہ ماڻهوءَ کي نہ مارايو
خط اهڙو انيراءِ ڏي هڪ ڀيو بہ لکيو تم

مان شاهہ، توڙي شيام جي رشتن تي پيو لکندس
اِهو سنڌ توڙي هند سان اقرار ڪيو تم



www.sindhsalamat.com

ڪٿڪن جي ڪيت پرسان، تڙي پيو گلاب آ
هيءُ سنڌ آسماني چڻ ڪو ڪتاب آ

محبوب وآڻ ويندي، ٿيو چاڻ بي نقاب
مڪڙين رکيو سنپالي جنهن جو حجاب آ

پهتس پيرين اگهاڙو، مظلوم جو سڏيو
هي منهنجي آهي مسلڪ، منهنجو نصاب آ

منهنجي قلم جي پرسان، اوندهه جي راڄ ۾
هر هڪ ڏيئو لڳي ٿو چڻ آفتاب آ

سنڌوءَ جي پيٽ مان ٿي، واري پٽي اڏي
پر ۾ وهي ٿو جهلم هت، هُت چناب آ

ٿڃ ماءُ جي پياريل، ۽ رت ڦڙن سان گڏ
منهنجي رڳن ۾ جاري، سنڌوءَ جو آب آ

ڪيئن قبر اُن ٿي ڪانڌي ڪتبو پيا هٿون!
هڪ روح جنهن قبر ۾ ”بيوس“ بيتاب آ



www.sindhsalamat.com

اڄ پنهنجي اسان ”هڻڻ“ جو انڪار ڪيون ٿا
تڏهين تہ او تنويرا! توسان پيار ڪيون ٿا

جڻ شعر لکي پنهنجو ٿو ڪنهن سڌ جو پڙاڏو
هر فرد سان ان ڳالهہ جو اقرار ڪيون ٿا

ڪيلاش وڃڻ لاءِ ايڏو وقت ڪٿي آ
سنڌوءَ جو سکر پُلِ تان ئي ديدار ڪيون ٿا

هر ماڻهو اسان لاءِ اڃان ماڻهو تہ آهي
هر ماڻهوءَ تي تڏهن تہ اعتبار ڪيون ٿا

پٿر ڪي ہہ - ٿي جهول ۾ اڄ تون ٻہ ڪنيون اڄ
”ٻيوس“ کي سرِ عام تہ سنگسار ڪيون ٿا



www.sindhsalamat.com

ڪلالن جي قلزم جا قطرا ٻہ آهيون
سچائي سکھو جي تہ دريا ٻہ آهيون

سفيدن جي ٻير ۾ گلابن جا ٻوٽا
اسان آهيون اعلي، تہ ادني ٻہ آهيون

ڪڏهن آهيون صحرا ۾ پن ڇڻ جي موسم
ڪڏهن ڏس تہ ڪاشِي، ڪليسا ٻہ آهيون

ڪئي آهيون گوتم ۽ گرمک گياني
ڪٿي ڇڻ تہ قبرن جا ڪَتبا ٻہ آهيون

سياڻي جا ڇو تا ڏيو دم دلاسا
اسان پاڻ دنيا ۽ عقبي ٻہ آهيون

اسان ادل، "بيوس" ۽ آڪاش (۱) وانگر
دلين تي صحيفن جيان لکيا ٻہ آهيون

ادل سومرو، تاجل بيوس ۽ آڪاش انصاري


www.sindhsalamat.com

تاتارين جا گهوڙا آهن
ماٺهو، گونگا، ٻوڙا آهن

لوهرا! تو وٽ لوهه نه پارس
آفيمن جا روڙا آهن

سنڌ جاڳي آ، سڌ تين تا
ماڻهو جوڙا جوڙا آهن

سنڌوءَ جو پاڻي ته سڪي ويو
پوءِ به اکين ۾ ڳوڙها آهن

ٻڪ ۾ سوسيءَ، ڪدر نجا تاڪيا
مترن جا چڻ اوڙا (۱) آهن

ازل، ابد ۾ سنڌ جا وارث
هندو، حُرَ، ڪلهوڙا آهن

ماڻهو هري (۲) ۽ هيري (۳) جهڙا
ڪيڻن چوين تو پوڙها آهن

ڪَچ، تر ڪان طوفان نه آهن
راڄڪنگهار جا گهوڙا آهن

جمنا ۽ سنڌوءَ جي وچ ۾
ماڻهو ۽ منهوڙا آهن

تو وٽ آهي ٻڪ، اڄ "ٻيوس"
تر ۾ روز ولوڙا آهن

۱- ڪوڙ/ ڊگهه ۲ - هري مونواڻي سنڌي ۳ - هيرو ٺڪر



www.sindhsalamat.com

هيءَ زندگي بلاولي گهاٽو نہ ٿي پوي!
ڏرتي ڏکن، ڏجهن جو وچاٽو نہ ٿي پوي!

شُهرت ڪان ڪنهن بہ وقت، ڪوئي شعر يا سخن
ڪارُون جي خزاني جو ناٽو نہ ٿي پوي!

دشمن جي ڪنهن فريب ڪان، يا ماٺيپي ڪري
ماٺهو ڦري مکڻ جو ڪو چاٽو نہ ٿي پوي

ڊچ ٿو ٿئي، خدا سان بغاوت جي ڏوهہ ۾
پنهنجو بہ هلندي ، هلندي پچاٽو نہ ٿي پوي!

مَسَ، ڪلڪ ۽ شعور جو رهجي اچي ڀرم
”بيوس“ منجهان ڪو عشق جو چاٽو نہ ٿي پوي!


www.sindhsalamat.com

ڪنهن لاءِ بهشت، دوزخ دڙڪو، دهمان آهي
مون لئي سنڌوءَ جو پاڻي ۽ اَنُ، ايمان آهي

ڪاپائتي ڪَتي ۽ هاري زمين کيڙي
هيءَ منهنجي آهي مسلڪ، منهنجو ايمان آهي

ناصحا! نہ ڏي سيان جا، مونکي بہ دم، دلاسا
منهنجي بقا ،فنا بس، باجهر جو نان آهي

ناهي ڪو چام، سيد، مخدوم ۽ پاڳارو
هِن سنڌ جو سپاهي هڪ دريا خان آهي

قاڙي درسِ دوئي جا، ڪنهن تي چيو تہ "بيوس"
ماڻهو آ پاڻ ادني، ماڻهو مهان آهي


www.sindhsalamat.com

ڪو پاڻ جيئڻ ڳنل آ، ڪو خود ڪفيل آهي
هر ماڻهو پاڻ پنهنجو ئي ناصح! وڪيل آهي

ويهين صديءَ ۾ يورپ، چنڊ ۽ مريخ پهتو
پر، پوءِ به سنڌ جو ماڻهو ڪيڏو عليل آهي

هِن سنڌ جا سوداگر، هڪ چار ٻيو پاڳارا
ڪو مارواڙي، مارو، ڪولهي نه ڀيل آهي

جيسين سکر کان ”ٻيوس“ سنڌو درياهه وهندو
قيامت ڪڏهن نه ايندي، منهنجو دليل آهي



www.sindhsalamat.com

ڳوڙهن وهڻ سان ڳهاوَ ۾ گهارا نہ ٿي پون!
اکڙين جا سمنڊ، خِشڪ ڪنارا نہ ٿي پون!

ڏچ تو ٿئي ڪڏهن متان دشمن جي ديس ۾
ڪي شعر خيرپور جا ڇهارا نہ ٿي پون!

ڪرسيءَ جي ڪنهن نشي ڪان، الا! ڪي آنا پسند
دلبند، دلبرن منجهان دارا ٻہ ٿي پون!

اکڙين جي انقلاب سان، رِندن جي راڄ ۾
ساقيءَ جي مڌ جا ڪوهہ بہ ڪارا نہ ٿي پون!

"ٻيوس" جي هير صبح سان ڳائين تہ ٿو، مگر
تختي منجهان ڪي تخت ۽ هزارا نہ ٿي پون!



www.sindhsalamat.com

ماڻهوءَ سان اسان مرڻ تائين پيار ڪنداسين
تنوير جي پيغام جو پر چار ڪنداسين

إقرار ڪيون ٿا تہ اسان سنڌ جي صدقي
جنت کان بہ سهڻو سچو سنسار ڪنداسين

اکين جو اوتي نير، اسان روئڻ بهاني
اياز تنهنجي قبر تي چنڪار ڪنداسين

ڇو اڄ تائين انسان آ، انسان جو ڳيجهو؟
اِن ڳالهہ تي ڪنهن وقت تہ ويچار ڪنداسين

جنهن وقت بہ انسان کو نتهڻ ۾ ڏنو سي
اُن وقت اسان وسڻ جو وهنوار ڪندا سين

هيءَ دنيا بہ ڪيڏي نہ" بيوس" خوبصورت آ!
هِت حُسن جو هر وقت ڪارو بار ڪنداسين



www.sindhsalamat.com

آسا، يا پيرويءَ ۾ هي، ڳاتل غزل نہ آ
هيءَ روح جو آ نغمو، جو تنهنجو بڌل نہ آ

هِن گيت کي تون مغني! هر بار ڳائجان
هيءَ گيت آ اياز جو منهنجو لکيل نہ آ

بي سرت ڪنهن زماني کان، ڇڙواڳ آهيان
پنهنجي ابد جو زاهد! ڪوئي ازل نہ آ

ڪَرڙيءَ جي محاذ تي مونکي وٺي هلو
منهنجي اجان اکين جو ڪو ٽُنڊو پنل نہ آ

ڪاپا ڪتڻ لئي ڪيئن مان تخليق جا اچان؟
آتڻ ۾ تنهنجي "بيوس" چرخو رکيل نہ آ



www.sindhsalamat.com

هونءَ تہ ڏاڍا پونءَ مٿان سڀ ڀاري آهيون
پنهنجي هڪ هستيءَ کان پر انڪاري آهيون

ايڪيهين صديءَ ۾ پنهنجي سڃاڻپ ٿئي نہ ٿئي پر
ويهين صديءَ جي ضميرن جا واپاري آهيون

آديسن کان ڪهڙي ويٺا ذات پڇو ٿا؟
پريم - نگر جي پريمين جا پوڄاري آهيون

حق، سچ، سندرتا جي ويٺا ڳالهہ ڪيون ٿا
پوءِ بہ ترخاني آهيون، تاتاري آهيون

ڪنهن تہ چيو ٿي، ناهيون نواز، ايوب ۽ يحيٰ
"بيوس" شيام، ڀٽائي، اياز، بخاري آهيون



www.sindhsalamat.com

هيءَ سنڌ منهنجي سونهن ، منهنجو سجدي گاهہ آ
منهنجي بقا جو سبب بہ سنڌو درياهہ آ

مونکان حسن ۽ عشق جي معراج جو نہ پڇ
اي دوست! منهنجو سنڌ جي ماڻهن ۾ ساهہ آ

سچ جي اُپار کان اڳ، ڪُنَ تي پڇي ويا
جن جي جسم ۾ رت، هڏو ۽ نہ ماس آ

ازلان اڳي "ببوس" جي، ابد واريءَ ڊوڙ ۾
هڪ طرف کان آڙاهہ، ٻئي کان اوڙاهہ آ



www.sindhsalamat.com

هت جيئڻ ۾ مرڻ ۾ ڪيڏو نہ خال آهي!
مُلهہ جڻ تہ ماڻهپي جو ڏالر، ريال آهي

سالن، صدين کان دنيا جو وهنوار هيءُ رهيو آ
مون وٽ آ جو حرام، سو تو وٽ حلال آهي

سچ تو چوان اي، شاعرا تنهنجي اکر، اکر ۾
يوسف، جمعن، وحيد ۽ مصري، جلال (١) آهي

دنيا ۾ جيئڻ، جالڻ، توڙي سيان جو ضامن
يا جوئر جو ڪِيو آ يا، ٻهہ ۽ پلال آهي

ويهين صديءَ ۾ يورپ چنڊ ۽ مريخ پهتو
پر هن قديم سنڌ جو جيئڻ جنجال آهي

سڀ عشق جي درياهہ ڪي ڏيڏر وانگي ٽپي ويا
هڪ حُسن آ جو دار تي هرڻيءَ جو ڇال آهي

سنڌ جي بقا جي جنگ لڳي آهي تون ٿي ڪتندين
ٻارنهن پڇن جو تنهنجو بہ "ٻيوس" عيال آهي

١ - اسانجا پلوڙ فنڪار، جي اسانکان وڇڙي چُڪا آهن.



www.sindhsalamat.com

ناراڻ، ٻاٻاڻي ۽ دلگير، مالهي
اسان ئي بخاري ۽ گوتم، غزالي

مجان ٿو مٽيءَ ۾ ٻه مون ئي ڇيوهو،
منهنجو ياءُ ڪولهي منهنجي ٻيڻ ٻالي

ٿئي شال ساقيءَ جي پهرين نظر ۾
سڄي مٽ - ماٽي جي رنگت گلالي

چون ٿا اسان جي ٻه پياري وطن ۾
ڪو آهي وفاتي، ته ڪو آ وصالي

جي "بيوس" اُجايل چمن ڪي چوهن ٿا
اُهي ڪين ٿيندا ڪڏهن جام خالي



www.sindhsalamat.com

هن سنڌ جو دل جان سان احترام ڪيون ٿا
پوڄا ٻه ته سنڌوءَ جي سرِ عام ڪيون ٿا

جنهن وقت پڄون ٿا اسان سنڌوءَ جي ڪناري
اُن وقت سنڌ جو اجرڪ احرام ڪيون ٿا

هر روز اشارن سان، توڙي هٿ ملائي
ڪٽڪڻ جي اسان ڪيت ڪي پرنام ڪيون ٿا

رِڳويد واري سنڌ به آزاد آ ٿيڻي
سنڌوءَ کي ڏسي پوءِ ته الهام ڪيون ٿا

"بيوس" به ڪنهن مومل سان ڪڏهن ملٽوئي ناهي
تڏهين ته اسان ڪاڪ پر ڪُهرام ڪيون ٿا


www.sindhsalamat.com

ڪنهن وقت رنج آهي، ڪنهن وقت خوش ٿئي ٿو
هڪ پيو به دل ۾ ماڻهو، ماڻهوءَ سان گڏ رهي ٿو

جنهن وقت ڪو به ماڻهو، ماڻهوءَ جي ڪم اچي ٿو
تڏهين پٽي نپيندي، ڪيڏو نه جَسُ ڏئي ٿو

اندر ۾جي گهر ۾ ويٺل، ماڻهو عجيب آهي!
ڪڏهين خوشيءَ ۾ ڪم شر، ڪڏهين روئي، رڙي ٿو

ٿر، ڪوهستان، ڪاڇو، سڀ واسجي وڃن ٿا
پنجهر دلين تي بادل ٻٽجي جڏهن وسي ٿو

ماڻهن ۾ پيار، محبت، سچ، سونهن جا خزانا
وَرَ،وَرَ ڪري ونڊيندي، ڪنهن کان نه ڪجهه کسي ٿو

دل جي دنيا جو سورج، "بيوس" سالن، صدين کان
سچ جي غقا مان اُڀري، سچ تي وڃي لهي ٿو


www.sindhsalamat.com

پن - ڇڻ، پتر، ٺڪر ۽ ڇيتيون نہ ڇاڻ آ
ماڻهو ازل کان سونهن ۽ سچ جو اُهڃاڻ آ

محبوب جهڙو پيارو آ، ساڻيڏي رکيو اتم
منهنجي ڪُتل جو دل ۾ جدائيءَ جو ٻاڻ آ

سڀ تا چون تہ اصل ۾ مان "ذات" آهيان
ظاهر ۾ هيءَ صفات جو پاتل پهراڻ آهيان

هٿ هاڄ ۾ رکي، تو نہ ڪنهن کي آ ڏک ڏنو
"بيوس" تنهنجو ضمير ميحون تا سڃاڻ آ


www.sindhsalamat.com

لوڏيل، لڦنگ، لٽيرا ناهيون
ماڻهو من جا ميرا ناهيون

ڇهرن جهڙيءَ ٻاک ڦٽيءَ ۾
ڀهتا اڄ ٻه آويرا ناهيون

ڳالهين ۾ ڳڙڪائڻ وارا!
اسان ميڇيءَ جا ٻيرا ناهيون

رات جي ڪاري اونداهيءَ ۾
چورن وارا ڦيرا ناهيون

ڪنهن ڏر تيءَ ڪنهن ڳام ڳهٽيءَ ۾
پينوءَ وارا ڦيرا ناهيون


www.sindhsalamat.com

هن بهشت جي ڪڙڪيءَ منهنجا تنوير ڏسي وٺ
صوفين جي مساوات جو زنجير ڏسي وٺ

درشن ڪنهن دلبر جو مقدر سان ٿئي ٿو
نرمل ڪي ڏسي آيو آن، دلگير ڏسي وٺ

هندوءَ مسلمان ٻنهي بهشت ۾ آهن
اڄ تون به هِتان "شيام" سان گڏ "مير" ڏسي وٺ

ڪنهن قوم ڪي صدين ۾ جو قسمت سان آ ملندو
سو شاهه، شهنشاهه ۽ "شمشير" ڏسي وٺ

اي، سنڌ جي مهراڻ جي سرهاڻ جا شائق!
ماڻهو به منهنجي ملڪ جا ڪنهڙ - ڪير ڏسي وٺ

"بيوس" سان رقيبن جي رَوش ڏسڻ ڪان اڳ ۾
توهر جي بيٺل پير ۾ هو ڪوڊِير ڏسي وٺ


www.sindhsalamat.com

ماٺھو مٽيءَ ھاٺا آھيون
ڪيڏا وڏ - گھراٺا آھيون

سُندر سڀ ڪي روپ ڏيون ٿا
اسان مٽيءَ جا چاٺا آھيون

پنھنجن بک ۾ اڄ بيچي آ
پوءِ بہ ڪين وڪاٺا آھيون

ڦٽندا آھيون ٽرن برن ۾
لوٽ، ليار ۾ لاٿا آھيون

آھيون سڀ جو پيٽ پريندا
گاج ڪٽڪ جا داٺا آھيون

ڪھڙي بيوس"ڪان ذات پڇو ٿا؟
"سنڌ" جا مير مھاٺا آھيون



www.sindhsalamat.com

صدين جي هن سفر ۾ ڪڏهن مُرڪٽي نہ آ
هيءَ قوم آهي جنهن جو ڪو پاڻٽي نہ آ

هن زندگيءَ ڪي گل ۾ ۽ غنچن ۾ ڳوليو
هيءَ زندگي تياس متان لڙڪٽي نہ آ

هن سنڌ جي زمين تي ڪا ڇاوڻي ڏسي
هٿ مان قلم نہ ڪرندو ۽ دل ڏڙڪٽي نہ آ

"بيوس" ڇيو تي ڪالهہ بہ، ڪر هن سبق کي ياد
غربت ۾ آنا پنهنجي ڪنهن کي آيڻي نہ آ



www.sindhsalamat.com

تازا ڪيت خماريل آهن
تڏهن تہ نيڻ وڇايل آهن

ماٿيلي، ڪان، مياڻيءَ تائين
منهنجا باغ لڳايل آهن

آءٌ بيتن جا پيرون پٽي وچ
ذات جا ڏار نوايل آهن

من ـ مندر جي ديوارن تي
تُر جا گيت لکايل آهن

بيوس تنهنجي سڌ جا ماٺهو
ڏاها، پوءِ بہ ڏڪايل آهن


www.sindhsalamat.com

هيءَ سنڌ منهنجي سونهن ۽ منهنجو سينگار آ
رابيل جي گلن ۽ گلابن جو هار آ

ڪڙڪو ناهي ڪنن جو، نہ ڪڙڪڙ آ ڪان جي
سڌ آ تہ، سون - مياڻيءَ مانگر جو مار آ

نقشو هي سَنڌ ملڪ جو رت ڇاڻ سان لکيل
ويهين صديءَ ۾ مصورا! تنهنجو شهڪار آ

ماڻهو گلن جا تحفا، ماڻهو مٽيءَ سڳنڌ
ڪيئن ٿو چوين هيءَ زندگي ماڻهوءَ تي بار آ!

ڀَلُ سنڌ کي سجدا ڪيو، ريتيءَ ۽ ريڻ ڪان
جنهن سيد (۱) کي وساريو، سو سنڌ جو غدار آ

هيڏو سفر ڪٽائي، تون هاڻي نہ ڇانوَ ڳولهہ
ٿورو اڳيان تہ "ڀبوس" پرين جو پار آ

(۱) جي. ايم. سيد؛
جنهن سنڌ کي وڏي ماتا چوڻ جا شروعاتي سبق سيکاريا هئا.



www.sindhsalamat.com

ماڻهو آهيون، مهاڻا آهيون
بيشڪ مٽيءَ - ماڻا آهيون

"انسانيت" آ پنهنجو مذهب
هائو پاڻ اياڻا آهيون

جنهن مٽيءَ مان آدم جڙيو
اُن مٽيءَ جا چاڻا آهيون

ڪارونجهر جي پرپاسي ۾
تر جا لوت ۽ لاڻا آهيون

هائو اسان ٿي ارغونن جي
پيڙهڻ وارا گهاڻا آهيون

سادا ماڻهو سنگت وارا
ڳهلا ۽ ڳوڻاڻا آهيون

مٽي اول - مٽي آخر
ڪيڏا وڏ - گهراڻا آهيون

چئوماسن جي طوفانن ۾
"پيوس" ڪين وساڻا آهيون



www.sindhsalamat.com

باغن ۾ وري منڊ بهاريءَ جي آئي آ
خوشبوءِ ڪيڏي انب جي ٽاريءَجي آئي آ

ڏنڊ جي ڪپن تي صبح ڪان ماري پيو ڦري
موسم چون ٿا؛ چار ۽ چاريءَ جي آئي آ

تر ۾ شايد پڄي ويو سنڌو درياهہ آ
مون وٽ تڏهن تہ جوار ڪنهواريءَ جي آئي آ

منهنجي بہ آخر روح جي ٿيٽي آهي نجات
مون وٽ بہ چٺي موت ۽ ماريءَ جي آئي آ

ڪلهہ وانگي خبر "بيوس" "عوامي آواز" ۾
اڄ يي قتل ٽيل هڪ ناريءَ جي آئي آ


www.sindhsalamat.com

پنهنجا گهر سينگاريل هوندا
ڇهرا ڪوڙ ڇُهاريل هوندا

لوئي! اوهان جي اوسيئڙن ۾
اڇجو اگڻ ٻهاريل هوندا

پترائن وائن تان هلندي
پنهنجا پير پکهاريل هوندا

دل ٿي هوندي سنڌ صحيفو
باقي ورق وساريل هوندا

موتئي، مکروءِ جي پوتن ۾
مٽ ڪوڙهن جا هاريل هوندا

ماتيلي ۽ مُهراڻي ۾
سنڌ جا ڪيت ڦلاريل هوندا

پٽ ـ ڏٺي ۽ "بيوس" تائين
سارا ڏونگر ڏاريل هوندا



www.sindhsalamat.com

"ٻيوس" لکي ڪو شعر، مياري نہ تي پويا
ڪوئو لهي هريڙ، پساري نہ تي پويا

اٽڪ ڪَلور، ڪِيسِ ڪالا باغ وٽ ڏسي
سنڌو الا، ڪا سمنڊ جي ڪاري نہ تي پويا

رِگويد جيَ ڪهاڻي، او ڪيلاش جي پريا
پنجاب تو لئي چار، يا چاري نہ تي پويا

اهڙيءَ طرح ملهايو، اوهان ماءُ جي ڪير کي
ٻيهر جٿين ڪو پونء تي ياري نہ تي پويا

ڀلجمڻ، نڪر، "ٻيوس" دلگير (١) کي ڏسي
حضرت حُسين جو حڪم ڪو جاري نہ تي پويا

١ -هند ۽ سنڌ جا شاعر



www.sindhsalamat.com

ڏيٺا پراڻيءَ ذات جا، ٻرندي ٺي وسن ٿا
اڄ جڻ تہ اکر، اکر مَنجهان کهاوَ رسن ٿا

رابيل، گلابن ۽ رتن جوت جي مند ۾
اکڙيونْ اگڙِ وچاءِ، پرين ڇاڻ اچن ٿا

جنهن وقت تُنِي شام تي، هِن جوءِ جا جوڳي
ويا جي وڇائي واٽ، آها روز پڇن ٿا

هاڻي پيو لهي سج تو هالار جبل کان
هاڻي ٺي مانجهي مور بہ منزل تي رسن ٿا

جنهن وقت بہ ڪٽڪن جا "ٻيوس" کيت ٿا جهومن
شاعر سخن نواز ٺي ڌرتيءَ کي چمن ٿا



www.sindhsalamat.com

ماڻهن ۾ محبت جو ڪو وهنوار ئي نہ آهي
غم آهي، مگر ڪوءِ بہ غمخوار نہ آهي

نفرت جو اسان تي ئي جي الزام هڻن ٿا
الفت جو اُنهن وٽ بہ ڪو آثار ئي ناهي

ماڻهن جا مسيحا منهنجي تن من ۾ رهن ٿا
هڪ توسان ئي، جلاد! مونکي پيار نہ آهي

انسان کي آ توئي تہ بهروپ بڻايو
اي، دستِ مصورا! توتي اعتبار نہ آهي

جو سونَ ۾ چانديءَ تي چڙهي سين مٽائي
اهڙو ڪو هتي هڪڙو بہ وڻجار نہ آهي

صحبت ۾ سچائيءَ جو آ، رهيو بار ڪلهن تي
تون ڪيئن تو چوين "بيوس" زردار نہ آهي



www.sindhsalamat.com

ها، مان تنهنجي حسن سان تو عشق کي اجرو ڪيان
روز هر، هرهيج مان تو سونهن کي سجدو ڪيان
چند ٻئجي شام سان گڏ، صبح تائين او پرين!
دل چوي ٿي، توسان آيران، تو ۾ ئي لهندو ڪيان
لوهه - پارس ملڪ جي هڪ ڏس ڏنو ڏاهي، ته مان
سونَ ٻڻجڻ جي ٻهاني، توکي ئي ڇهندو ڪيان
ڪالهه "ٻيوس" ٻيدلين ۽ ٻيڪسن جي ديس ۾
مون چيو: وسندو رهان ۽ هن چيو: پرندو رهان



www.sindhsalamat.com

ماٺو مکڻ جو چاڻو، ماٺو گلاب آهي
اوجل، شفاف، چاڻيل، سنڌوءَ جو آب آهي

هر دور ۾ ادب ٿي هيءَ سبق آسيکاريو
هٿ ڪنهن جي ڪم اچڻ جي، ڪيڏو ثواب آهي

هڪ سنڌ آهي جيڪا مرڻي ڪڏهن به ناهي
پنهنجي ته زندگي بس، لمحن جو خواب آهي

ويران دل جو رڻ ڪڇ، سيراب پيو ڪري ٿو
ماٺو آ چڻ ته سنڌو، ماٺو چناب آهي

پن - چڻ ۾ پن ڇڻن ٿا، چڻ لاش پيا لُڙن ٿا
هيءَ زندگي ازل کان جر تي حباب آهي

”بيوس“ جهڙا سوين چڻ ڪلرائيل ڦُٻا هَن
پر هڪ ڀتائي اڄ ڀي ڪليل ڪتاب آهي


www.sindhsalamat.com

دوست سانوڻ جي ڪڪرن جهڙا
ڪي تہ قرآن جي اکرن جهڙا

باک ۔ ڦٽيءَ جا روپ ڏسي وٺ
محبوبن جي چهرن جهڙا

آءُ تہ وايون، بيت ٻڌايانءِ
جورِ، ٻاجهر جي ٽڪرن جهڙا

مَس هو ماڻهو جاڳيا آهن
جاڙيجن ۽ جکرن جهڙا

مونکي شاهہ جا شعر لڳن ٿا
اڄ بہ قرآني فقرن جهڙا

ماڻهوجي، ماڻهن کي ڪُهن ٿا
جو نہ لڳن سي ڪِڪرن جهڙا

غزل ۽ ڪافيون، گيت لکي ويو
”بيوس“ تر جي ڏهرن جهڙا


www.sindhsalamat.com

ازل ابد کان منهنجا ماٺهو
ڪَوتا جهڙا سنڌ جا ماٺهو

منهنجا ناهن تنهنجا هوندا
لنگڙا، لولا، گونگا ماٺهو

بُک جي باهہ وسامي ويندي
ڪٺڪن وانگي ٽٽندا ماٺهو

منهنجا چڻ سي مرشد آهن
آهن جي ان - داتا ماٺهو

جيئڻ ۽ جاڳڻ واريءَ جنگ ۾
ويندا آهن وڌندا ماٺهو

آهن هوا ۾ پاڇ کان هلڪا
پربت جهڙا ڳئورا ماٺهو

بيوس جهڙا تون بہ ڏسي وٺ
پوئين سج جا پاڇا ماٺهو



www.sindhsalamat.com

برف تي ويٺو ماني ڪيئن پچائين ٿو؟
واري ڳوهي کهڙا گهر آڏائين ٿو؟

پوپٽ ۾ ريشم جهڙين اکڙين منجهان
واهڙ جهڙا ڳوڙها روز وهائين ٿو

تون به ته راهه ڏياچ جي سر وَڍڻ واري
ٻيجل ٻڻجي هر، هر تند تپائين ٿو

روز بخاريءَ، زخميءَ ۾ سرڪش وانگي
ڪٽڪن جي ڪيتن ۾ ڪنڌ جهڪائين ٿو

ڪيتن ۾ او، آنُ اُپائيندڙ هاري!
"بيوس" تي هڪ تون ئي حڪم هلائين ٿو



www.sindhsalamat.com

وٽ هي گيت گلابن جهڙا
محبوبن جي خوابن جهڙا

هاڻي، هاڻي ڪي تہ لنگهي ويا
ڳاج ڪڙڪ جي لابن جهڙا

منهنجا گيت ۽ وايون، دوها
ڀاراڻن ڪتابن جهڙا

شاعر! تنهنجا شعر لکڻ تائين
سنڌوءَ جي سيلابن جهڙا

پڇرن ۾ قاسايا آهن
”بيوس“ شعر عقابن جهڙا



www.sindhsalamat.com

سمنڊ مٿان غورابن وانگي
آڏريا شعر عقابن وانگي

منهنجا تمغا ۽ تعريفون
آهن سپ الزامن وانگي

ڪو تہ اڱڻ تي آيو آهي
روح چڙيو آ ربابن وانگي

تنهنجا آهن بيت پڻائي
قرآني عنوانن وانگي

ڪو تہ صحن ۾ پوکي ويو آ
ڳاڙها گيت گلابن وانگي

بيوس جاهن قلم ۾ ڪلڪون
مندرن ۽ محرابن وانگي


www.sindhsalamat.com

چورين ڏنا تي ڇال، وياسين جتي، جتي
جهوري ڇڏيو جمال، وياسين جتي، جتي

سِري، وچولي، لاڙ ۾، ڪاڇي ۽ ٿر ۾ ها
قربانيون جا ڪال، وياسين جتي، جتي

لوئيندي لوڪ آڏو، عُمَرَ جي عتاب ڪي
مارُن وڏيتي ڦال، وياسين جتي، جتي

هر هنڌ عاقبت ۽ عزت، ايمان ها
ڊالر، ٽڪا ۽ ريال، وياسين جتي، جتي

موکيءَ جي مئڪدي ۾ "ببوس" متن متان
ها ڪيترا ڪلال، وياسين جتي، جتي


www.sindhsalamat.com

رِگويد، گيتا، گنج، صحيفا بہ لکون ٿا
ها، گيت، غزل، بيت ۽ قطعا بہ لکوَن ٿا

رت - ڇاڻ واري خوف کان، اڄ دل جي پٽيءَ تي
پوپال، گانڌيدام، اَرِيسا بہ لکون ٿا

سقراط، بلاول، اسان سرمد کي وساري
قاتل جي نوٽ بک تي مسيحا بہ لکون ٿا

ماٺهوءَ جي مهنتا ۽ امرت کي سچائي
دنيا جي در، ديوار تي عقبي بہ لکون ٿا

پاڻيءَ ۽ هوا جهڙن اسان شعرن سان گڏ
افسوس مزارن جا پيا ڪتبا بہ لکون ٿا



www.sindhsalamat.com

منهنجا گيت، غزل ۽ وايون
ڪوهہ مٿان چڙهہ ٽر جون مايون

چيٽ جي آئي آهي موسم
آءُ تہ ڇلڙو، مورو ڳايون

مومل، سهڻي، نوري، سورٺ
هن ڌرتيءَ جون آهن ڇايون

من ۾ سچ جيئن اُڀريا آهن
اهڙا ڏينهن ڪيئن وسايون

انبن، توتن جي ڇانئن ۾
آءُ تہ گهڙي ڪا دل وندرايون

پيار محبت واري دولت
"بيوس" توکان ڪيئن لڪايون.



www.sindhsalamat.com

روز رسن ۾ جڪڙيل آهيون
ڌرتيءَ تان ٿي اُکڙيل آهيون

هاڻي بهشتي! هٿ نہ لائجان
پاڻيءَ وانگي اُٻريل آهيون

اڄ صديءَ کان سنڌ - ڌرتيءَ تي
داڻو، داڻو وکريل آهيون

ڏيو ڏاند اسان جي سڃاڻپ
تو ٿي چيو، اڻ سڌريل آهيون



www.sindhsalamat.com

انسان خطا جو پتلو آ، صدين جي نرڳ - ڪهاڻي آ
پر، پوءِ بہ پاپ ڌوئڻ خاطر، سنڌوءَ جو اوجل پاڻي آ

ڪلهہ شهر ڪلاچ جو لتجي ويو، اڄ پاڻيءَ تي ٿا ڌاڙا لڳن
جا رت ۽ روح کي ساڙي وئي، سا آڳ اڃان نہ اُجهاڻي آ

هن سون - سريکي ويلا ۾، اوهان ڪهڙا پتڻ پڇايو ٿا؟
هي اڄ ڏسو، هو ٻيڄ ٻڌو، سڌ پنڌ تي سونمياڻي آ

هن ايڪيهين صديءَ جي ڏماڪي ۾، يورپ ٿو خلا ۾ گهر جوڙي
پر، ٿر جو مقدر ميهوڳي، هر، کهوبو ۽ مانڌاڻي آ

منهنجي جهول ۾ ” ٻبوس“ ٻجهر، جوئر ۽ ڪٽڪ جي آين بدران
سچل جي کهڙولي، شاهہ جي وائي، نانڪ واري ٻاڻي آ



www.sindhsalamat.com

اڄ وقت جي سقراط جي مسند کي سجايون
هڪ زهر جي ڍُڪ ساڻ ضميرن کي مَتايون

دنيا آهي باقي ۽ هي ماڻهو بہ امر آ
اڄ باقي وٽن کي بہ ڄتادار بڻايون

بي سود زماني ۾ مرڻ لاء جيئڻ کان
بهتر آ جيئڻ جي ڪنهن مقصد تي ڳالهايون

اڄ شام کان اڳ زهر ڀريل جام پيون، يا
دنيا مان ٽئين جنگ جي ڪڪرن کي هٽايون

تَنُ قيد، مَنُ غلام ۽ تخلص بہ آ "بيوس"
پر، پوء بہ ويٺا حُسن مٿان حڪم هلايون



www.sindhsalamat.com

هاڻي به پاڻيءَ، آنَ کي ايمان لکون ٿا
هائو، اسان سنڌيءَ ۾ به قرآن لکون ٿا

جنهن ذهن ڏلو آهي پٽائيءَ جو رسالو
اُن ذهن کي صحرا جو خيابان لکون ٿا

هن سال به پَرُ وانگي اسان ٿر جا رهاڪو
آگر سان وينا پيٽ مٿان نانُ لکون ٿا

انعام، ضيا، تاج، اوهان ساڻ پيا رهندا
”بيوس“ کي گهڙي پلڪ جو مهمان لکون ٿا

انعام شيخ، ضيا شاهه، تاج جويو


www.sindhsalamat.com

پنجند ۾ لڪايل پنهنجو مهراڻ تا ڳولهيون
هائو اسان هن سنڌ جو نرواڻ تا ڳولهيون

ويو شاهہ جو سنڌيءَ ۾ جو قرآن ڇپائي
اُهو مڙهين، مسائن منجهان ڪلياڻ (۱) تا ڳولهيون

مائٽن واري مانڊاڻ ۾، ماڻڪن کي لتاڙي
اسان جيئڻ جو صحرا منجهان اُهڃاڻ تا ڳولهيون

وحدت توڙي ڪثرت وارو بهروپ متائي
اسان پاڻَ جي پيچري ۾ وڃنا پاڻَ تا ڳولهيون

ڪلياڻ آڏواڻي



www.sindhsalamat.com

نفرت، نفاق، نرڳ جون باهيون وسن نہ ٿيون
ڪن، ڪن هٿن جون اڄ بہ لڪيرون ملن نہ ٿيون

لڳندڙ گرم لڪن، ۽، سنڌوءَ جي بحران ۾
پيرون ۽ مڪ پچي وئي، ڪٽڪون پچن نہ ٿيون

هو ڏس تہ توپچي بہ ٿا هر هر گسن پيا
سهڻن ماڻهن جون شايد نظرون گسن نہ ٿيون

سارنگ جا سنڌ ملڪ کي پيغام ڪيئن رسن!
بيوس اُتر جون اڄ بہ هوائون گهلن نہ ٿيون



www.sindhsalamat.com

ميھوڳيءَ ۾ مست ھوائون
ڪوري ڪاڳر تي ڪوتائون

ڳجر! تنھنجا ڳل، ڳل پاتيون
پوپاڙيءَ جي پن - ڇڻ آئون

آءُ اُڪاري آيو آھيان
ڪارونجھر جھڙيون ڪايائون

سنڌ ڇايون الھاس نگر ۾
آيون ٻڌجي اپسرائون

ٻيوس تنھنجا گيت ڳلابي
بيت، بسنت ۾ نر جون ڇائون



www.sindhsalamat.com

منهنجي مايا منهنجي ڪايا منهنجو ديس مهان
منّي اول، منّي آخر، منّي منهنجو شان

لفظ، لفظ ۾ سنڌ جا خاڪا، اکر، اکر اعلان
پٽ - ڌٽيءَ جو آهه رسالو سنڌيءَ ۾ قرآن

مون ليءِ مڪو، مون لئي درازا مون لئي اُڏيرو لال
ماءُ! جٽي تو مونکي سنڌ ۾ آهه ڪيو احسان

سنڌوءَ جا سرسبز ڪنارا، مون لئي ممتا - گود
منهنجي بقا جو رازآ "بيوس" ڳاج ڪٹڪ جو نان


www.sindhsalamat.com

باطل جي ڇهري، ڇهري کي ڳرهڻ لڳي هئي
آدم تي همہ اوست جي بارش آئي هئي

لحظي ۾ بت فروش جي گردن تتي هئي
ها، مسلکِ حيات جي آنڌي آئي هئي

قطرا مڙيئي گم ها، جڏهن سمنڊ ۾ ٿيا
وحدت جي رنگ روپ مان ڪثرت ڦٽي هئي

جابر جي اڳيان آڏ - مٿي انسان کي ڏسي
ٽچڪڻ لڳو هو سچ، ۽ ڌرتي ڌٻي هئي

هر ذهن تي شعور جي وسڪار کان اڳي
بي ربط هر بشر جي سڄي زندگي هئي

تشهير تي رهي هئي، ”حقوق العباد “ جي
بيوس اُها اذان اسان پئي ٻڌي هئي


www.sindhsalamat.com

ڪيڙن ڪان تي شروع وڃي اَنَ تي ڪتي هئي
سالڪ! آها نماز، اسان ٻي پڙهي هئي

منهنجي قلم بہ دوست! بغاوت ڪئي هئي
جنهن وقت سنڌ - ڇائي ڪنهن قاتل ڪُئي هئي

ٻک ۾ ڇڏي رِيال ڪي، مون هو ڳيو ڪنيو
پورهيت! تنهنجي هيءَ ڳالهہ برابر سچي هئي

مونکي بہ محتسب وٺان مليو بهشت هو
پر، پوءِ بہ منهنجو مقدر ” سنڌ “ جي مٽي هئي

سنڌ ۾ بہ ڪو ماڻهو نہ، ماڻهوءَ کي قتل ڪندو
” ڪاوش “ ۾ اهڙي خبر تہ ڪلهہ ٻي ڇپي هئي



www.sindhsalamat.com

ڪرها وري بہ ڪيچ قطاريون هليا ويا
مونکي بہ ٻين وانگي وساريون هليا ويا

همدرد هو، رقيب هو، هُن ساڻ ڪو تہ هو
هڪ ڊپ پيو بہ دل ۾ وهاريون هليا ويا

نظرون وڇائي راهہ ۾، سجدا ڪيا اکين
پاڻي ميڙيءَ جو پوءِ بہ هاريون هليا ويا

آتش لڳائي اڄ بہ نفاقن جي اوٽ مان
اندر کي ڄڻ وري بہ اُپاريون هليا ويا



www.sindhsalamat.com

وفاق جي هر پاپ کي پرنام ڪيون ٿا
چو سونهن ، امن، عشق کي بي نام ڪيون ٿا

انسان ۾ الله اسان ڳولهي لڌو آ
تڏهين تہ پنهنجو عشق اسان عام ڪيون ٿا

سجدي ۾ وڃي اڄ بہ سجاول جي پتڻ کان
سنڌوءَ کي ڏسي، اجرڪ احرام ڪيون ٿا

سنڌو نہ ڪڏهن سڪندي، نڪا سنڌ ئي سڏڪندي
اهڙوئي اسان هاڻي بہ اعلان ڪيون ٿا

اوهان برهہ جي ”بيوس“ يلي بازن کي اڏايو
اسان عشق حسن جا پکي بي دام ڪيون ٿا


www.sindhsalamat.com

هن زندگيءَ جا سلسلا ڪاٽئن ڪٽن نٽا
نڪتل دلين تي ياد جا خاڪا ڊهن نٽا

تا غير دل جي سَرَ تي رتو - چاڻ ڪن پيا
جو پنهنجا ٻٽجي هنج لتي سج لهن نٽا؟

سج ويو نپي لَڪيءَ ڪان، آساري دنيا سُتي
پر، پوءِ بہ ڏيئڙا ڏات جا ٻيٽ تي وسن نٽا

اُڌريا ها تر جي پونءِ تي جڻ چيٽ جا ڪڪر
هاڻي تہ غزل، گيت بہ دل کي ڇهن نٽا



www.sindhsalamat.com

بنا ماڳ مارڳ جي گذارڻ ڏکيو آ
وڳر ۾ وطن کي وسارڻ ڏکيو آ

دنيا هن دورنگيءَ ۾ دلبن جو دريا
بنا تانگهہ، ٽُرهي اُڪارڻ ڏکيو آ

شڪارين جا هِت هُت ڏسي چار، چاريون
پکين ليءِ پرهہ جو پڪارڻ ڏکيو آ

پٽر کي پنهونءَ ليءِ پگهارڻ آسولو
بنا ڏک دلين کي اُبارڻ ڏکيو آ


www.sindhsalamat.com

باطل جي ڪاري رات ۾ پرندڙ آنا هئي
جنهن مان ڦٽي پيو سج آها ڪربلا هئي

هڪ طرف هئا لڙڪ، تتل ڏينهن ۽ پياسا
ٻئي طرف ڪان رقصان قضا هئي، رضا هئي

هڪ ڏينهن زخمي روح جي روشن ضمير مان
خوشبوء، سچ ۽ سونهن جي گونجي صدا هئي

دهشت، دغا، فريب خطادار ها سيئي
" انسانيت " ئي هڪڙي جِتي بي خطا هئي

اطلس ۽ ڪيمخواب جو سڀ کي لباس هو
رنگين رت ڦڙن ۾ اسانجي قبا هئي

قطِري مان آبشار ۽صحرا مان سمنڊ ٿيو
"بيوس" جي هر سخن تي اوهانجي عطا هئي


www.sindhsalamat.com

مٺل ڌلين کي جياريون ويجهو
جوڳي اڳڻ اجاريون ويجهو

نفرت کي اوڙاهه ۾ اُڇلي
پرت جو جام پياريون ويجهو

هر ڪنهن تي احسان ڪيا ٿو
منهنجي دل ۾ ڏتاريون ويجهو

ويندي هوت پنهونءَ جي پويان
ڏونگر، ڏونگر ڏاريون ويجهو

بيوس جي هر پاڙي اوڙي
ذات جا ڏيئا ٻاريون ويجهو



www.sindhsalamat.com

مون لالچ ۽ لوڀ ۽ تي لعنت ڪئي
اِهائي فقط آعبادت ڪئي

اسانجي چون ٿا: رهي ٿو اندر
اسان کي آهي جنهن هدايت ڪئي

ماڻهو ڪو بہ جلسي ۾ شامل نہ آهي
ضميرن آ شايد شڪايت ڪئي

اَماوس جون راتيون گذري ويون
سڄڻ سونهن جي آسخاوت ڪئي

جڏهن کان ٿيو عشق آ بادشاهہ
تڏهن کان حُسن آ بغاوت ڪئي

پتائي! گهرايو تو پٽ شاهہ تي
اِها ڪيڏي تو آعنايت ڪئي

غزل، گيت، وايون ۽ دوها لکي
مون سنڌوءَ جي ڪپ تي عبادت ڪئي

سڄيءَ دنيا پاتي توکان سرفرازي
اسان تي بہ تو آ عنايت ڪئي

تو اڻڄاڻ "بيوس" کي عاقل سڏيو
اِهائي تہ تو آ حماقت ڪئي



www.sindhsalamat.com

جتي سچ، سچ تي اُپريو، وِچان اُن پار تان سدقي
جلي جا ٻاٽ ۾ مشعل، ۽ مشعلدار تان صدقي

جتان تشهير ٿي " انسان " ۽ " انسانيت " جي هئي
وڃون ٿا ان بلنديءَ ۽ بُلند مينار تان صدقي

ازل ۽ ابد جي اٽڪ سفر ۾، ازل کان اڄ ڀي
آهيون هڪ گل جي عيوض سڄي گلزار تان صدقي

هي سيئي محبتي ماڻهو، سمنڊ، گل ڦل ۽ سج، تارا
آهيون هر شيءِ جي سندرتا ۽ سرجڻهار تان صدقي

اسان رهنداسون خوابن ۾ ٻه پاڻيءَ جي رواني جيان
صبح تان، شام تان،پئي صبح جي آثار تان صدقي

صبح جي روشني، اوندهه سيئي اُن ئي اُپاياهن
وڃون ٿا تڏهن ئي گل تان توڙي هر خار تان صدقي

جڏهن ڪثرت جي روپن ۾، اچي وحدت سمائي آ
آهيون ان ڏينهن کان "ٻيوس" سڄي سنسار تان صدقي



www.sindhsalamat.com

موتين جهڙا ماڪ ڦڙا سڀ تنهنجيِ نالي ارپيان ٿو
پاڻ ڪي تنهنجيءَ سونهن مٿان پيو سونَ سچي جيئن پرٽيان ٿو

سنڌوءَ مان واري تي آڏي، پر پوءِ بہ سيڻ ستل آهن
مان ٿي ڪمانَ جي تيرن وانگي، ڪالاباغ تي ڪڙڪان ٿو

ازل ابد جي ايامن ۾، هن سنڌ اِمان جي ڌرتيءَ تي
روز چٽان ٿو پن چڻ سان، هر روز انهن جيئن ڦرجان ٿو

سنڌوءَ جي اوسي پاسي ۾، هن ڌرتيءَ جي بقا خاطر
ڪڏهن ٽياسن تي ٽنگجان، ڪڏهن چنڊ گرهڻ جيئن ونجان ٿو

دشمن دَرَ آ ڪڙڪايو، الا، پوءِ بہ اوهان ننڊ ۾ آهيو!
ٻارن وانگي روئي مان بي آب ميجيءَ جيئن ڦٿڪان ٿو

جڏهن بہ ”بيوس“ تنهنجا هٿ اِهي ڪنهن ماڻهوءَ جي ڪر تا اچن
چوڏهينءَ جي چاندوڪي ويڙهي، مان مُڪري جيئن مهڪان ٿو



www.sindhsalamat.com

گاج ڪٺڪ جي ڏاڍن جهڙا
ماٺهو مکڻ جي چاڻن جهڙا

ٽانوَ لڱن ٽا ٽاٽارن جا
ارغونن جي گهاٽن جهڙا

وايون، غزل ۽ گيت لکيا ٽم
لاڙ، سري جي ماٺهن جهڙا

شاعرا! تنهنجا شعر لڱن ٽا
سَرنهن جي پير ۾ ڏاڍن جهڙا

"بيوس" وٽ اڄ آيا هوندا
ماٺهو مير مهاڻن جهڙا



www.sindhsalamat.com

آهي سج جو تڙڪو، يا ڳل مان ڦٽي آ
اهو آ مقدر، اها روشني آ

سنگن جهڙا اِن مان ڪي شل گيت نسرن
سڄي رات بارش جا ٽر تي وئي آ

اوهان ريءِ اسانجو نتو وقت گذري
اوهان ريءِ اسانجي حياتي ٻُسي آ

وري ٻک ٻيجڙيءَ کان ٻالڪ روئي ٿو
مسين جنڊ پيهين سهاڳڻ سُتي آ

سڄي ٽر جي ٽاڪن ۾ ڏهرن، ڏرين ۾
ڪٿي چيڙ، پيرون، ڪٿي مَڪ پڪي آ



www.sindhsalamat.com

ڪوهستان، ڪاڇو، سچو ٿر وٺو آ
مٺي، ننگر، ڪپرو، ڪارونجهر وٺو آ

سگهڙ، ڇيڙ، ڏيلها، پيرون، ليار پچندا
شڪر آ جو رڻ پٽ ۽ جهنگ جهر وٺو آ

سري ۽ وچولي ڪان ٿر، لاڙَ تائين
اُتر، ڏکڻ، اولهہ ۽ اوڀر وٺو آ

اِجهو پٽ - ڏٺيءِ جي سڄي سنڌڙيءَ تي
جمعو، آڇر، سومر ۽ ڇنڇر وٺو آ



www.sindhsalamat.com

اَتو عظمتن جا ڦريرا اَڏايو
چڱا ايئن چون ٿا، ڦريرا اَڏايو

سڄي لاڙ سان ٿو سمنڊ ويڙهه جوڙي
مٽي، ڪاري ناڪئا! ڦريرا اَڏايو

اُتر اوت ڪئي آ، اَتو جر سان جهيڙيو
ڏنا وچ وراڪا، ڦريرا اَڏايو

مڙيا ميچ ۾ مانگر، اچو سڌ سڄاڻو
ڪياڪن ڪڙڪا، ڦريرا اَڏايو

ڪلاچيءَ جي ڪَن ۾ گهاتو ڳهڻ ڳهڻ سان
جوڙي سنگ سياڪا، ڦريرا اَڏايو

مائٽ مورڙن جا، صبح شام ”ٻيوس“
ڏين ٿا ڏوراپا، ڦريرا اَڏايو



www.sindhsalamat.com

ماڪيءَ جهڙا منڙا ماڻهو
سنڌ جا سونَ سريڪا ماڻهو

نيٺ ڦِڪڻ جيئڻ اونداهين ۾
مشعل ٻَٽجي پرندا ماڻهو

ماڻهن وانگي ڳالهائن تا
پوءِ بہ لڳن تا گونگا ماڻهو

ڪيئن چوين تو ڊورن وانگي
ڪنهن تہ ٻهاني ڪسندا ماڻهو

بازارين ۾ مُڙدن جهڙا
ڪوڙ لڳن تا جيئرا ماڻهو

ويهين صديءَ ڪان پوءِ بہ "بيوس"
مُئلن جهڙا هوندا ماڻهو



www.sindhsalamat.com

هر ڪو نانگ جو ڪاڏل هوندو
وک، وک ڪنڊ ڪپايل هوندو

وڍيل زبانن، ڪٽيل ڪنڌن سان
سارو ملڪ سجايل هوندو

جنهن تي هوندو "سنڌ " جو نقشو
ٿنهنجو روٽ پچايل هوندو

سونهن، سُرت، خوشبوءِ جي شهر ۾
ماڻهو، ماڻهو گهايل هوندو

ڪيئن چوين تو پيٽ پريندو
"بيوس" پاڻ بکايل هوندو



www.sindhsalamat.com

سنڌ جي نجات کي ڳولهي وٺون
رات مان پرڀات کي ڳولهي وٺون

دل مان ويندڙ، دل جي راهن کي وري
پنهنجي، پنهنجي ذات مان ڳولهي وٺون

بيت، دوهو، غزل، ڪافي گيت چئي
ڏيهه سارو ذات مان ڳولهي وٺون

آ تہ همت جي هٿيارن سان وري
جيت، ڪلهہ جي مات مان ڳولهي وٺون

ڪالهہ جي سچ، سونهن ۽ سرهاڻ کي
طور جي تجلات مان ڳولهي وٺون

ضيا، فرانڪو، هٽلر، نواز کي
اڄ تہ ڪنهن ڪم ذات مان ڳولهي وٺون


www.sindhsalamat.com

آهي ننڊ ۾ مون ۾ اياز ڏٺو، اچ ننڊ جو آڏرپاءُ ڪيون
هن ڪاري، ڪنواريءَ رات سان، اچ هڪ ٻيو ٻه نئون سرچاءُ ڪيون

هن پارس، لوهه جي بستيءَ مان، هن تاتارن جي نگريءَ مان
اچ پيٽ - ڏٽيءَ جي ذڪر، فڪر جو دنيا ۾ ڦهلاءُ ڪيون

جو ڪالاباغ جي ڳالهه ڪري، تو هر دل تي پٿراءُ ڪري
اُن دشمن تي، اُن ڌاڙئي تي، گهاتن وارو گهيراءُ ڪيون

جي ڏاڍا ٻئجي ڌاتارن جي راهه ۾ ڪنڊا اچلين ٿا
اهڙن ماڻهن مردارن سان ليڪو چڪتو آءُ ڪيون

جو ڪاسائي ٻئجي "بيوس" هر وقت حُسن جو ٿو ڪوس ڪري
هِن دل وارن جي دنيا ۾، اُن تي ڪهڙو ڪهڪاءُ ڪيون


www.sindhsalamat.com